هفتيوار رسالو :359
WEEKLY BOOKLET:359

سلسلهء عاليه قادريه رضويه عطاريه جي نائين پيرو مرشد جو تذڪرو

# فيضانِ معروف ڪَرخي رحمۃ اللہ علیه

SINDHI



- قبولِ اسلام جو واقعو
- محبتِ دنيا کان ڇوٽڪاري جو قول
- پاڻي تي هلندا ۽ هوا ۾ اڏامندا هئا
- قبوليتِ دعا جو مقام

پيشڪش:
المدينۃ العلمیۃ (دعوتِ اسلامی)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **فيضانِ حضرت معروف ڪرخي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

گلستان سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ جي هڪ عظيم بزرگ جو
تذڪرو بنام

# فيضان حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي- جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو-

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

درود شريف جي فضيلت ........ 3
500 سون جا سڪا ........ 3
تعارف ۽ ولادت ........ 7
قبولِ اسلام جو واقعو: ........ 7
شجريءِ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ ذڪر خير ........ 8
عربي شجرو: ........ 9
غير مسلم گهراڻي جو قبولِ اسلام: ........ 9
معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شان ........ 12
پاڻي تي هلڻ ۽ هوا ۾ اڏامڻ ........ 12
مقامِ معروف ۽ علوم جي اصل ........ 13
سجدو سهو جو معاملو ........ 13
عاداتِ مبارڪ ۽ پاڪيزه ڪردار ........ 14
اَذان ڏيندي ڪپڪپي طاري ٿيڻ ........ 16
راتون رات بغداد شريف کان مڪي پاڪ ........ 16
جيڪو الله پاڪ چاهيو اهو ئي ٿيو ........ 17
مصيبتن تي صبر قربِ الٰهي جو ذريعو آهي ........ 18
حضرت معروف ڪرخي جو غوثِ پاڪ کي سلام ........ 19
الله پاڪ جي بارگاه ۾ عاجزي ۽ انڪساري ........ 19
دُعاءِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........ 20
رِقتِ قلبي ڪنهن کي چوندا آهن؟ ........ 20

تقويٰ جي بهترين مثال ........................................ 21
اميراهل سُنت جا احتياط ........................................ 21
محبتِ دنيا کان ڇوٽڪاري جو قل ........................................ 22
بغداد شريف ۾ فوت ٿيڻ جو حڪم ........................................ 23
انتقال شريف ........................................ 23
1 لک 20 هزار گنهگارن کان عذاب دور ٿي ويو ........................................ 23
مقامِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................................ 24
ضرورت پوري ٿي وئي ........................................ 24
منهنجو ڪم ٿي ويو ........................................ 25
قبوليتِ دعا جو مقام ........................................ 25
مزارات اولياء جون برڪتون ........................................ 25
چار مشائخ زندن جيان اختيار رکن ٿا ........................................ 26
منهنجي وسيلي کان دعا ڪر ........................................ 27
حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قبر جي شان ........................................ 27
ڊاڪٽر عبدالقدير خان (مرحوم) جو ڪالم ........................................ 28

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فيضان حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

**دعاءِ عطار:** يا الله پاڪ! جيڪو ھہ مڪمل رسالو"فيضانِ حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه" پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي بزرگانِ دين جي فيضان سان مالامال فرمائي ڪري والدين سميت ان جي بي حساب بخشش ڪري جنّت الفردوس ۾ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪو شخص مون تي درود شريف پڙهندو آهي، الله پاڪ ان تي نظرِ رحمت فرمائيندو آهي ۽ جنهن تي الله پاڪ رحمت جي نظر فرمائي، ان کي ڪڏهن عذاب ناهي ڏيندو.

(افضل الصلوات على سيد السادات، ص 40)

حشر کی تیرگی، سیاہی میں　　نور ہے، شمعِ پُرضیا ہے دُرود
چھوڑیو مت درود کو، کافی!　　راہِ جنّت کا رہنما ہے درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 500 سون جا سڪا

حضرتِ سيدنا ابوعباس مؤدِب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ سيد صاحب منهنجي پاڙي ۾ رهندو هو جنهن جا معاشي حالات پهريان سٺا نہ هئا. انهن مونکي پنهنجو واقعو ٻڌايو تہ اسان جي گهر ۾ ٻار

جي ولادت ٿي ته گهر ۾ ڪا اهڙي شيءِ نه هئي جيڪا پنهنجي زال کي ڪارايان ها. غمگين زال مون کان فرياد ڪئي: اي منهنجا سرتاج! توهان تي منهنجي حالت ظاهر آهي، مونکي خوراڪ جي سخت ضرورت آهي ته جيئن منهنجي ڪمزوري دور ٿئي، خدا جي واسطي ڪجهه ڪريو. سيد صاحب فرمائن ٿا: مان پنهنجي زال جي اها حالت ڏسي بيچين ٿي ويس ۽ نماز عشاء کان پوءِ راشن جي دڪان تي ويس، جتان مان سامان وٺندو هئس ۽ ان جو مون تي ڪجهه قرض به هو. مون هن کي پنهنجي گهر جي حالت ٻڌائي ۽ جلدي رقم ڏيڻ جي نيت سان ڪجهه خوراڪ جو سامان طلب ڪيو پر هن صاف انڪار ڪري ڇڏيو. مان انهيءَ پريشانيءَ جي حالت ۾ ٻئي دڪاندار وٽ ويس ۽ ان کي به ائين ئي چيو جيئن پهرين دڪاندار کي چيو هو پر اُن به انڪار ڪري ڇڏيو. مطلب ته! جنهن کان اميد هئي، انهن سڀني وٽ ويس پر ڪنهن به منهنجي مدد نه ڪئي. مان تمام گهڻو اداس ٿي سوچڻ لڳس ته هاڻي ڪاڏي وڃان؟ انهيءَ سوچ ويچار ۾ مان درياءِ دجله جي طرف ويس، اتي هڪ ملّاح (يعني ٻيڙي هلائڻ وارو) ڏٺو جيڪو مسافرن جو انتظار ڪري رهيو هو. مونکي ڏسي هن آواز لڳايو ته جيڪڏهن ڪو مسافر آهي ته اچي وڃي. مان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيس ۽ ٻيڙي هلڻ لڳي. ٻيڙيءَ هلائيندڙ مون کان پڇيو: توهان ڪٿي ويندا؟ مون چيو: مونکي معلوم نه آهي. ملّاح حيران ٿي چيو: توهان کي پنهنجي منزل جو ئي علم نه آهي ۽ ٻيڙيءَ تي ويهي رهيا آهيو؟ مون ملّاح کي پنهنجي گهر جي حالت ٻڌائي ته هو وڏي همدردي سان چوڻ لڳو: منهنجا ياءُ! غم نه ڪريو، مون کان جيترو ٿي سگهندو، مان توهان جي پريشاني حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. پوءِ هن هڪ هنڌ ٻيڙي روڪي ۽ درياءِ دجله جي ڪناري تي هڪ مسجد ۾ وني

وچي چوڻ لڳو: منهنجا ياءُ! هن مسجد ۾ هڪ بزرگ ڏينهن رات عبادت ۾ مصروف رهندا آهن، توهان انهن کان دعا ڪرايو، الله پاڪ چاهيو تہ ضرور توهان جي پريشاني جو حل نڪري ايندو.

سيد صاحب فرمائن ٿا: مان وضو ڪري مسجد ۾ داخل ٿيس تہ ڏٺم تہ اهو بزرگ محراب ۾ نماز ادا ڪري رهيو آهي. مون بہ ٻہ رڪعتون ادا ڪيون ۽ سلام ڪري انهن جي قريب ويهي رهيس. پنهنجي معمولات کان فارغ ٿي اهي بزرگ مون کي فرمائڻ لڳا: الله پاڪ توهان تي رحم فرمائي! توهان ڪير آهيو؟ مون پنهنجو سڄو واقعو بيان ڪيو، ان بزرگ منهنجي ڳالهہ وڏي توجهہ سان ٻڌي ۽ پوءِ نماز پڙهڻ لڳا. ٻاهر برسات ٿيڻ لڳي ۽ مان تمام گهڻو گهبرائجي ويس ۽ سوچڻ لڳس تہ مان پنهنجي گهر کان ڪيترو پري اچي ويو آهيان، خبر ناهي گهر وارا ڪنهن حالت ۾ هوندا؟ مان انهيءَ سخت برسات ۾ پنهنجي گهر ڪيئن پهچندس. ايتري ۾ هڪ شخص مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ ان بزرگ جي قريب اچي ويهي رهيو. اهي بزرگ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تہ ان شخص عرض ڪيو: حضور! مان فلاڻي ماڻهوءَ جو نمائندو آهيان، انهن توهان کي سلام ۽ ڪجهہ نذرانو پيش ڪيو آهي. اهو ٻڌي ڪري اهو بزرگ فرمائڻ لڳو: اها سڄي رقم هن سيد شهزادي جي خدمت ۾ پيش ڪيو. ان تعجب ڪندي عرض ڪيو: حضور! هي پنج سو (500) دينار آهن. فرمايائون: ها! هي سڀ انهن کي ڏئي ڇڏيو. ان سڄي رقم مونکي ڏني. مان تمام رقم چادر ۾ رکي ۽ حضرت جو شڪريو ادا ڪري برسات ۾ پُسندي گهر جي طرف روانو ٿيس، پنهنجي علائقي ۾ پهچي ان راشن واري دڪاندار کي چيم: الله پاڪ پنهنجي رزق جي خزانن مان مونکي پنج سو

(500) دينار عطا فرمايا آهن. توهان جو منهنجي مٿان جيترو قرض آهي اهو ونو ۽ مونکي ڪاڏي جو سامان ڏيو. دڪاندار چيو: في الحال هي رقم سياڻي تائين پاڻ وٽ ئي رکو ۽ جيڪي شيون گهرجن اهي ونو. پوءِ هن شهد، شڪر، ترن جو تيل، چانور، چربي ۽ ڪوڙ ڪاڏي جو سامان مونکي ڏنو، مون چيو: مان ايترو سارو سامان ڪيئن کڻندس. پوءِ اسان ٻئي سامان کڻي گهر طرف روانا ٿياسين. گهر پهتاسين ته دروازو کليل هو، منهنجي زال مونکي ڏسي شڪايت ڪندي چيو: توهان انهيءَ نازڪ حالت ۾ مونکي ڇڏي ڪيڏي ويا هئا، بک ۽ ڪمزوري منهنجي حالت خراب ڪري ڇڏي. مون چيو: اللّٰہ پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان اسانجي پريشاني دور ٿي وئي آهي، هي ڏسو! گيهه، چربي، شڪر، تيل ۽ گهڻي مقدار ۾ ڪاڏي جو سامان کڻي آيو آهيان. هو تمام گهڻو خوش ٿي ۽ پوءِ سيني ڪاڏو ڪائي اللّٰہ پاڪ جو شڪر ادا ڪيو. صبح جو مون پنهنجي زال کي اهي دينار ڏيکاريندي سڄو واقعو ٻڌايو ته هوءَ تمام گهڻو خوش ٿي ۽ ان غيبي مدد تي اللّٰہ پاڪ جو شڪر ادا ڪيو. پوءِ اسان ڪجهه زمين خريد ڪئي ته جيئن پوکي ڪري ان جي ذريعي پنهنجا خرچ پورا ڪريون. اللّٰہ پاڪ ان بزرگ جي برڪت سان اسان جي تنگدستي ۽ غربت دور فرمائي. اللّٰہ پاڪ انهن کي اسان جي طرفان سٺي جزا عطا فرمائي. (عيون الحڪايات، ص277،276) اللّٰہ پاڪ جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب    صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

چا اوهان ڄاڻيو ٿا تہ هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ۽ مقبول الدُّعا بُزرگ ڪير هئا؟ هي سلسلۂ قادريہ رضويہ عطاريہ جي 9(نائين) نمبر جا پيرو مرشد حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه هئا.

## تعارف ۽ ولادت

سلسلۂ قادريہ رضويہ عطاريہ جي نائين پيرو مرشد، عظيم تابعي بزرگ حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جو نالو: معروف، ڪنيت: ابومحفوظ آهي. پاڻ بغداد شريف جي علائقي "ڪرخ" ۾ پيدا ٿيا، انهيءَ ڪري ڪين "ڪرخي" چيو وڃي ٿو. پاڻ تبع تابعي[1] بزرگ ۽ امامِ اعظم ابو حنيفہ نعمان بن ثابت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا مقلد هئا. (مسالڪ السالڪين، 287/1، 286)

## قبولِ اسلام جو واقعو:

حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو خاندان پهرين غير مسلم هو. الله پاڪ جي رحمت ۽ سندن برڪت سان سيئي اسلام جي دامن سان وابستہ ٿي ويا. سندن اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو وڏو دلچسپ ۽ حيرت انگيز آهي. سندن ياءُ بيان ڪن ٿا تہ مان ۽ منهنجو ياءُ حضرتِ معروف رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پڙهڻ ويندا هئاسين. اسان ان وقت غير مسلم هئاسين، اسان جو غير مسلم استاد ٻارن کي معاذالله ڪفر ۽ شرڪ جو سبق ڏيندو هو تہ منهنجو ياءُ "معروف" بلند آواز سان "احد، احد" (يعني الله اڪيلو آهي،

[1] ...تابعي انکي چيو وڃي ٿو جنهن صحابي سان ايمان جي حالت ۾ ملاقات ڪئي ۽ ان جو خاتمو بہ ايمان تي ٿيو ۽ تبع تابعي انکي چيو وڃي ٿو جن تابعي سان ايمان جي حالت ۾ ملاقات ڪئي ۽ ان جو خاتمو بہ ايمان تي ٿيو. (معجم لغة الفقهاء، ص 117)

هو هڪ آهي) چوندو هو تہ غير مسلم استاد انهن کي خوب ماريندو هيو. ايستائين جو هڪ ڏينهن ان هن کي ايترو ماريو جو پاڻ ڪٿي هليا ويا. منهنجي والده روئيندي ۽ چوندي هئي: جيڪڏهن الله پاڪ مونکي "معروف" واپس عطا فرمايو تہ هو جنهن دين تي هوندو مان بہ انهيءَ دين تي عمل ڪنديس. ڪيئي سالن بعد حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي والده وٽ آيا تہ والده پڇيو: پٽ! تون ڪهڙي دين تي آهين؟ پاڻ ارشاد فرمايائون: "دينِ اسلام تي." والده

"اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ اللّٰه"

پڙهيو. هن طرح منهنجي والده محترمہ ۽ اسان سيئي مسلمان ٿي وياسون. (بحر الدموع، ص 39)

الله ربُّ العزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. (حلية الاولياء، 410/8، رقم: 12714)

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صلى الله عليه واٰلهٖ وسلم

## شجرہءِ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ ذڪر خير

امير اهل سُنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دامت بركاتهم العاليه پنهنجي هر مريد ۽ طالب کي شجرہءِ قادريہ رضويہ عطاريہ عطا فرمايو آهي. ان ۾ سلسلہءِ قادريہ رضويہ عطاريہ جي نائين تبع تابعي بزرگ، حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ۽ ڏهين پيرو مرشد حضرت سري سقطي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي وسيلي سان دعا ڪئي وئي آهي:

بَہرِ مَعرُوف و سَری مَعروف دے بے خُود سَری

**الفاظ ۽ معنيٰ:** بَہر: **واسطي** معروف: **ڀلائي** بے خُود سَری: **فرمانبرداري**

**دعائيہ شعر جو مفهوم:** يا الله پاڪ! مون کي حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي طفيل نيڪي ۽ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ حضرتِ سري سقطي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي وسيلي مون کي عاجزي ۽ انڪساري جو پيڪر بناءِ. اٰمين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللّٰہُ علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عربي شجرو:

امامِ اهل سنت، اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه هڪ عربي شجرو شريف، بصيغهٴ درود شريف تحرير فرمايو آهي، سندن ان ۾ حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو ذڪر خير هن طرح ڪن ٿا: ”اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَ بَارِكْ عَلَيْهِ وَ عَلَيْهِمْ وَ عَلَى الْمَوْلَى الشَّيْخِ مَعْرُوْفِ نِ الْكَرْخِيْ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ“ اي الله پاڪ! تون حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تي رحمت ۽ برڪت نازل فرماءِ ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي آل و اصحاب ۽ اسان جي سردار شيخ معروف ڪرخي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تي بہ. (تاريخ و شرح شجرهٔ قادريہ برڪاتيہ رضويہ،ص 154)

## غير مسلم گهراڻي جو قبولِ اسلام:

حضرت عامر بن عبدالله ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ منهنجي پاڙي ۾ هڪ غير مسلم رهندو هو. هڪ ڏينهن هو مون وٽ اچي چوڻ لڳو: "اي ابوعامر! پاڙيسري هئڻ جي

حيثيت سان منهنجو توهان تي حق آهي. مان توهان کي رات ۾ ڏينهن جي پيدا ڪندڙ جو واسطو ڏئي چوان ٿو تہ مون کي الله پاڪ جي ڪنهن ولي وٽ وٺي هلو تہ هو منهنجي لاءِ پٽ جي دعا ڪري. منهنجي دل ۾ پٽ جي تمام گهڻي خواهش آهي."
مان ان کي ساڻ ڪري حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ سڄو معاملو عرض ڪيو. پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه ان کي اسلام جي دعوت ڏني تہ هو چوڻ لڳو: "اي معروف! الله پاڪ جيستائين مون کي هدايت نہ ڏيندو تيستائين توهان مون کي هدايت نٿا ڏئي سگهو. مان توهان وٽ رڳو دعا جي لاءِ آيو آهيان." پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه ڪجهہ هن طرح دعا ڪئي: "ياالله پاڪ! ان کي اهڙو پٽ عطا فرماءِ جيڪو والدين سان حسنِ سلوڪ ڪري ۽ هو ٻئي ان جي هٿن تي مسلمان ٿي وڃن".
الله پاڪ پنهنجي مقبول ٻانهي جي دعا قبول فرمائي ۽ ان غير مسلم کي هڪ اهڙو پٽ عطا فرمايو جيڪو پنهنجي ذهانت جي سبب پنهنجي وقت جي سيني ٻارن کان اڳتي وڌي ويو. جڏهن هو ڪجهہ وڏو ٿيو تہ ان جي پيءُ ان کي پنهنجي دين جي تعليم ڏيارڻ جي لاءِ ڇڏيو. ان جي غير مسلم استاد ان کي هٿ ۾ تختي ڏئي اجا "ڳالهايو" ئي مس چيو هو تہ اهو ٻار چوڻ لڳو: "منهنجي زبان غيرِ خدا کي خدا چوڻ کان روڪي وئي آهي ۽ منهنجي دل منهنجي رب ڪريم جي محبت ۾ مصروف آهي." ان کان پوءِ ٻار اهڙيون خوبصورت ۽ الله پاڪ جي سچائپ جون گهريون ڳالهيون ڪيون جو جن کي ٻڌي ڪري استاد حيران ٿي ويو ۽ ان جي دل زنده ٿي وئي. ان ڄاڻي ورتو تہ دين اسلام ئي سچو دين آهي.

ان ڪان پوءِ ٻار ڪجهه اشعار پڙهيا، جن جو مفهوم ڪجهه هن طرح آهي: "ڇا اهوئي سچو ناهي جيڪو رُوئاريندو، کلائيندو، زندگي ۾ موت ڏيندو آهي، مخلوق لاءِ فصل پيدا ڪندو آهي؟ يقيناً اهوئي عبادت جي لائق آهي. لهٰذا جيڪو ان جو دروازو ڇڏي ڪري ڪنهن ٻئي جي دروازي تي ويندو آهي اهو نقصان کٽندو آهي. اهو پنهنجي ٻانهي کي گناهه ڪندي ڏسي ٿو، پوءِ به ان جي پرده پوشي فرمائي ٿو (يعني گناهن کي لڪائي ٿو) ۽ پنهنجي ٻانهي کي بغير گهرڻ جي عطا ڪري ٿو. اهو گنهگارن ڪان بخشش جو معاملو ڪري ٿو." جڏهن غير مسلم استاد ٻار جو اهو ايمان افروز ڪلام ٻڌو ته اهو حيران ٿي ويو ۽ ان دل ئي دل ۾ ڪلمو شهادت " اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ اللّٰه" پڙهيو. پوءِ ٻار کي ان جي پيءُ وٽ آندائين. جڏهن پيءُ ٻنهي کي ايندي ڏٺو ته خوش ٿي استاد ڪان پڇيائين: "توهان منهنجي ٻار کي ڪيترو ذهين پاتو؟" پوءِ ان سڀي گفتگو ٻار جي پيءُ کي ٻڌائي. پيءُ چيو: "خدا جو قسم! منهنجو ٻار حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي دعا جي برڪت سان ئي ان مقام ۽ مرتبي تائين پهتو آهي. مان گواهي ڏيان ٿو ته الله پاڪ جي سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي ۽ حضرت محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جا سچا رسول آهن." ان ڪان پوءِ ٻار جي ماءُ ۽ سيني گهر وارن اسلام قبول ڪيو. (الروض الفائق، ص 186 ملتقطاً)

دُعائے ولی میں یہ تاثیر دیکھی | بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## معروف ڪرخي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جو شان

حضرتِ ابو محفوظ معروف ڪرخي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه حضرت امام علي رضا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان خوب علمِ دين حاصل ڪيو. سندن پنهنجي وقت جي وڏن اوليائن مان هڪ هئا. حضرتِ عبدالوهاب رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جهڙو زاهد (يعني دنيا کان بي رغبت) ڪو به نه ڏٺو. (تاريخ بغداد،208/13)

## پاڻي تي هلڻ ۽ هوا ۾ اڏامڻ

حضرتِ اِبنِ مردويه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته اسان حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جي صحبت ۾ ويٺا هئاسين، ان ڏينهن مون پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو چهرو مبارڪ ڪلندو ڏسي ڪري عرض ڪيو: اي ابو محفوظ! مون کي خبر پئي آهي ته توهان پاڻي تي هلندا آهيو؟ ته پاڻ رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمايائون: مان ڪڏهن پاڻيءَ تي ناهيان هليو بلڪ جڏهن مان پاڻيءَ کي پار ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهيان ته ان جون ٻئي طرفون پاڻ ۾ ملي وينديون آهن ۽ مان ان تي قدم رکي هلڻ لڳندو آهيان.

حضرت حسن بن عبد الوهاب رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ماڻهو چون ٿا ته حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پاڻي تي هلندا آهن، جيڪڏهن مون کي چيو وڃي ته سندن هوا ۾ اڏامندا آهن ته مان هن ڳالهه جي به تصديق ڪندس. (الروض الفائق،ص183)

بارگاهِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۾ اعلیٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه فارسي شعر ۾ عرض ڪن ٿا:

ياشہِ معروف مارا رہ سوئے معروف دِہ

ترجمو: اي حضرتِ معروف ڪرخي (اي نيڪين جا بادشاھ)! اسان کي نيڪي جي طرف راھ ڏي!

## مقامِ معروف ۽ علوم جي اصل

ڪروڙين حنبلين جي عظيم پيشوا، حضرتِ امام احمد بن حنبل ۽ تمام وڏا محدّث حضرتِ يحييٰ بن معين رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِما اڪثر حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ اچي مسئلا معلوم ڪندا هئا، حضرتِ سيدنا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو پٽ حضرتِ عبدُالله رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه چئي ٿو تہ مان پنهنجي والد محترم کي عرض ڪيو: مون کي خبر پئي آهي تہ اوهان حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ ويندا هئا، ڇا انهن وٽ علمِ حديث هو؟ تہ پاڻ فرمايائون: اي منهنجي دل جا ٽڪرا! انهن وٽ معاملي جي اصل يعني الله پاڪ جي تقويٰ (يعني الله پاڪ کان ڊڄڻ) هو.

(قوت القلوب، 263/1)

## سجدو سھو جو معاملو

ڪروڙين حنبلين جا عظيم پيشوا، حضرتِ امام احمد بن حنبل ۽ تمام وڏا محدّث حضرتِ يحييٰ بن معين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما هڪ دفعي حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ آيا. حضرتِ يحييٰ بن معين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مان انهن کان سجده سهو جي متعلق پڇڻ چاهيان ٿو. امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کي

خاموش رهڻ جو فرمايو پر هو خاموش نہ رهيا ۽ عرض ڪيو: اي ابو محفوظ! توهان سجده سهو جي متعلق ڇا ٿا فرمايو؟ حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمايو: هي دل لاءِ سزا آهي تہ نماز کان غافل ٿي ٻي طرف ڇو توجهه ڏني. اِهُو ٻڌي ڪري حضرتِ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمايو: هي ڳالهہ سندن جي ذهانت تي دلالت ڪري ٿي. (تاريخ بغداد، 201،202/13)

## عاداتِ مبارڪ ۽ پاڪيزه ڪردار

سلسلهٔ قادريہ رضويہ عطاريہ جي نائين نمبر وارا تبع تابعي بزرگ، حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه بغير ڪنهن ضرورت جي ڪو سبب اختيار نہ فرمائيندا هئا بلڪ بقدر ضرورت وٺندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائيندا هئا تہ مان پنهنجي ربّ جي گهر ۾ مهمان آهيان، جيڪڏهن هو مون کي کارائيندو آهي تہ کائي ڇڏيندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو مون کي بکيو رکندو آهي تہ صبر ڪندو آهيان ايستائين جو هو مون کي کارائي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه ڪا شيءِ جمع ڪري نہ رکندا هئا نہ ئي ڊگهيون اميدون لڳائيندا هئا بلڪ سندن ولايت جي ان عظيم مرتبي تي پهتل هئا جو هڪ نماز کان پوءِ ٻي نماز تائين زنده رهڻ جي اميد نہ هوندي هئي، جڏهن ظهر جي نماز پڙهائي وٺندا هئا تہ پنهنجي پاڙيسري کي فرمائيندا: "پنهنجي لاءِ ڪو اهڙو شخص تلاش ڪريو جيڪو توهان کي عصر جي نماز پڙهائي." جڏهن پاڻ الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن فرمانِ عاليشان "ان ذاتِ پاڪ جي قسم جنهن جي دستِ قدرت ۾

منهنجي جان آهي! جڏهن مان پنهنجون اکيون چنديندو آهيان تہ هي گمان ڪندو آهيان تہ ڪٿي منهنجون پَلڪون کُلڻ کان پهريان الله پاڪ منهنجو روح قبض نہ فرمائي ۽ جڏهن پنهنجون پَلڪون کڻندو آهيان تہ هي گمان ڪندو آهيان تہ ڪٿي انهن کي چنڊڻ کان پهريان موت جو وعدو نہ اچي وڃي ۽ جڏهن ڪو لقمو کائيندو آهيان تہ هي گمان ٿيندو آهي تہ ان کي نڙيءَ کان لاهي نہ سگهندس جو موت ان کي نڙيءَ ۾ روڪي ڇڏيندو. اي اولادِ آدم! جيڪڏهن توهان عقل رکندا آهيو تہ پنهنجو پاڻ کي مئلن ۾ شمار ڪريو، ڇوتہ توهان کان جيڪو وعدو ڪيو وڃي ٿو اهو ٿي رهندو.“ (شعب الايمان ، 355/7،حديث:10564)

اي عاشقانِ اولياءِ ڪرام! زندگي بن گهڙين جي آهي اسان کي خبر ناهي تہ اسان پنهنجي زندگي جو اڪثر حصو گذاري چڪا آهيون يا گهٽ، البتہ موت ڪنهن وقت، ڪٿي بہ اچي سگهي ٿي ڪاش! اسان مرڻ کان پهريان موت جي تياري ڪندڙ بڻجون ۽ هر وقت موت کي ياد ڪندا رهون، ڪاش! اسان سنتن جي راهہ تي هلي پئون، اي ڪاش! جڏهن اسان جو آخري وقت هجي، چپن تي ڪلمهءِ طيبہ ۽ درود و سلام هجي، مديني پاڪ ۾ هجون ۽ اکين سامهون جلوه مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجي.

ایمان پہ دے موت مدینے کی گلی میں
مدفن مرا محبوب کے قدموں میں بنادے

(وسائلِ بخشش ،ص 112)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَذان ڏيندي ڪپڪپي طاري ٿيڻ

ابوبڪر بن ابو طالب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بيان ڪن ٿا: مان حضرتِ معروف ڪَرْخي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي مسجد ۾ داخل ٿيس، اسان هڪ جماعت جي صورت ۾ هئاسين، پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ به گهر ڪان مسجد تشريف وٺي آيا ۽ اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللّٰه چيو، اسان سلام جو جواب ڏنو، پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ دعا ڪئي ته الله پاڪ توهان کي چين ۽ سلامتي واري زندگي عطا فرمائي ۽ اسان کي ۽ توهان کي دنيا ۾ غمن ڪان راحت عطا فرمائي. پوءِ پاڻ اَذان ڏيڻ لاءِ وڌيا ۽ اَذان ڏيڻ شروع ڪئي ته بيقرار ٿي ويا ۽ سندن تي خوفِ خدا سبب ڪپڪپي طاري ٿي وئي، جڏهن پاڻ اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه چيو ته سندن پنبڻ ۽ ڏاڙهي جا وار اُڀا ٿي ويا، مون کي خوف ٿيو ته پاڻ اَذان مڪمل نه ڪري سگهندا ۽ سندن چيلهه به جهڪي وئي، قريب هو جو زمين تي تشريف آڻين ها. (حلية الاولياء،404/8،حديث:12685)

## راتون رات بغداد شريف کان مڪي پاڪ

سلسلهءِ قادريه جي بزرگ حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي هڪ دفعي طواف ڪرڻ جي خواهش ٿي ته پاڻ راتون رات پنهنجي شهر کان مڪي شريف پهچي ويا ۽ طواف ڪري واپس تشريف وٺي آيا. (جامع ڪرامات اولياء، 491/2)

اي عاشقانِ اولياء! الله پاڪ پنهنجي اولياءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡهِم کي وڏي عظمت ۽ بزرگي سان نوازيو آهي، اولياءِ ڪرام جي ڪرامات مان هڪ قسم کي ”طَيُّ الۡاَرۡض“ چيو ويندو آهي، ان جو

مطلب آهي زمين جو سوڙهو ٿيڻ، الله پاڪ جا هي اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُاللہِعَلَیۡهِم الله پاڪ جي عطا سان هڪ قدم ۾ ڪيترن ئي ميلن جو سفر ڪري وٺندا آهن، ڇڻ مهينن جو سفر ڪلاڪن، منٽن ۾ طئي ٿي ويندو آهي. اسان جي پيرومرشِد حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُاللہِعَلَیۡه به انهن اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُاللہِعَلَیۡهِم مان هئا.

## جيڪو الله پاڪ چاهيو اهو ئي ٿيو

سلسلهءِ قادريه رضويه عطاريه جي نائين پيرومُرشِد، حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُاللہِعَلَیۡه جي خدمت سراپا عظمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو: اَڄ صبح اسان وٽ ٻار ڄائو آهي ۽ مان سيني ڪان پهريان توهان وٽ هيءَ خبر کڻي آيو آهيان ته جيئن توهان جي برڪت سان اسان جي گهر ۾ خير نازل ٿئي. حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَیۡه فرمايو ”الله پاڪ توهان کي پنهنجي حفظ واَمان ۾ رکي. هتي ويهي رهو ۽ سؤ پيرا هيءَ چئو ”مَاشَآءَاللّٰہُ کَانَ“ يعني الله پاڪ جيڪو چاهيو اهو ئي ٿيو. هن سؤ دفعا هيءَ پڙهي ورتو ته پاڻ ٻيهر پڙهڻ جو فرمايو. ان سؤ دفعا وري پڙهيو ته پاڻ وڌيڪ پڙهڻ جو فرمايو. مطلب ته هن طريقي سان پنج دفعا پڙهڻ جو فرمايو. ايتري ۾ هڪ وزير جي ماءُ جو خادم هڪ خط ۽ ٿيلهي کڻي حاضر ٿيو ۽ چيو: يا سيدي! اُمِّ جعفر توهان کي سلام چئي ٿي، هن هيءَ ٿيلهي اوهان جي خدمت ۾ موڪلي آهي ۽ عرض ڪيو آهي ته توهان غريبن ۽ مسڪينن ۾ هيءَ رقم ورهايو. هيءَ ٻڌي ڪري پاڻ رَحۡمَةُاللہِعَلَیۡه آٽيندڙ کان فرمايو:”رقم جي ٿيلهي هن شخص کي ڏئي

ڇڏيو، هن جي گهر ۾ بار جاٿو آهي. قاصد (يعني پيغام آڻيندڙ) عرض ڪيو: هي 500 درهم آهن، ڇا سيئي ڪيس ڏئي ڇڏيان؟ پاڻ فرمايائون ”هائو! سڄي رقم کيس ڏئي ڇڏيو، هن پنج سؤ دفعا "مَاشَاءَ اللّٰهُ کَانَ“ چيو هو. پوءِ اُن شخص ڏانهن متوجه ٿي ڪري فرمايائون:”هي پنج سؤ درهم توهان کي مبارڪ هجن، جيڪڏهن اجا وڌيڪ پڙهو ها ته اسان به اوتري ئي مقدار وڌيڪ ڏئي ڇڏيون ها. (وجو! هيءَ رقم پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪيو). (عيون الحكايات، ص 277)

میں ہوں سائل میں ہوں منگتا یا کرخی مری جھولی بھر دو
ہاتھ بڑھا کر ڈال دو ٹکڑا یا کرخی مری جھولی بھر دو

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مصيبتن تي صبر قربِ الٰهي جو ذريعو آهي

بارگاهِ حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه ۾ ڪنهن عرض ڪيو: ياسيدي! مون کي ٻڌايو ته مان اللّٰه پاڪ جو قرب (يعني نزديڪي) ڪيئن حاصل ڪري سگهان ٿو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه اُن جو هٿ پڪڙي هڪ امير جي دروازي تي وٺي ويا. دروازي تي هڪ غلام بيٺو هو جنهن جي هڪ تنگ ٿُڻي پيئي هئي. پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه اُن طرف اشارو ڪري اُن شخص جو هٿ پڪڙي ارشاد فرمايو: "هن جيان تي وجو، اللّٰه پاڪ جو قرب (يعني نزديڪي حاصل ڪري وٺندؤ." (يعني جنهن طرح هيءَ غلام ٿُنل تنگ جي باوجود پنهنجي آقا جي دروازي تي حاضر آهي، اهڙي طرح

توهان بہ هر حال ۾ پنهنجي رب جي رضا تي راضي رهو ۽ اُن جي عبادت ڪندا رهو. (الروض الفائق، ص 183)

## حضرت معروف ڪرخي جو غوثِ پاڪ کي سلام

خليفهءِ غوثِ اعظم شيخ علي بن هيتي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا: "مان شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سان گڏ حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُاللّٰهِ‌عَلَيۡه جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿيس. منهنجا پيرومرشد، حضورِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سلام ڪيو تہ حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مزار شريف مان آواز آيو: وَعَلَيۡكَ السَّلَامُ يَا سَيِّدَ اَهۡلِ الزَّمَانِ يعني اي زماني جا سردار، توهان تي بہ سلام هجي." (بهجة الاسرار، ص53)

جو ولی قبل تھے یا بعد ہوئے یا ہوں گے
سب ادب رکھتے ہیں دِل میں میرے آقا تیرا

(حدائقِ بخشش، ص 23)

## اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ عاجزي ۽ انڪساري

حضرت سيّدُنا قاسم بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”مان حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو پاڙيسري هيس. هڪ رات مون سندن کي روئندي ۽ هيءُ اشعار پڙهندي ٻڌو: ترجمو (1)ڪهڙي شيءِ مون کان گناهہ ڪرائڻ چاهي ٿي، مون کي گناهن ۾ مشغول رکندي آهي ۽ مون کان پري ناهي ٿيندي (2) جيڪڏهن تون مون تي رحم فرمائيندي بخشي ڇڏيندي تہ گناهہ

مون کي ڪجھ نقصان نٿا پهچائي سگھن، هاڻي ته مون تي پوڙھائپ اچي چڪي آهي." (صفت الصفوت، 212/2)

## دُعاءِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه

سلسلهءِ قادريه رضويه عطاريه جي نائين پيرومُرشِد، حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت سراپا عظمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو: "ياسيدي (يعني اي منهنجا سردار)! دعا فرمايو ته الله پاڪ منهنجي دل کي نرم ڪري ڇڏي." ته پاڻ هن کي ان دعا جي پڙهڻ جي ترغيب ڏني: "يَا مُلَيِّنَ الْقُلُوْبِ! لَيِّنْ قَلْبِيْ قَبْلَ اَنْ تُلَيِّنَه، عِنْدَ الْمَوْتِ" يعني اي دلين کي نرم فرمائڻ وارا! منهنجي دل کي به نرم ڪر هن کان پهريان جو تون موت جي وقت ان کي نرم ڪرين. (الروض الفائق، ص 185)

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## رِقتِ قلبي ڪنهن کي چوندا آهن؟

دل جي نرمي کي رقتِ قلبي چئبو آهي، هي الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، حديث پاڪ ۾ آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "رقَّتِ قلب (يعني دل جي نرمي ۽ گِريه وغيره) جي وقت دعا غنيمت سمجھو جواها رحمت آهي."
(ڪنز العمال، 48/1، حديث: 3367)

علماءِ ڪرام دنيا ۾ سعادت مندي جي علامتن مان هڪ علامت دل جي نرمي بيان ڪئي آهي.

(تفسير روح البيان، پ 12، هود، تحت الآية:105، 187/4 ملخصاً)

قلب پتّھر سے بھی سخت ہے اِس کو نرمی عطا کیجئے
جگمگا دیجئے قلبِ سیاہ لُطف بدرُ الدُّجیٰ کیجئے

(وسائلِ بخشش، ص 505 )

## تقويٰ جي بھترين مثال

حضرت عبيد بن محمد وَرَّاق رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه بيان ڪن ٿا: هڪ دفعي حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه ڪٿي وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ هڪ ڪاني پئي هئي، پاڻ ان تي پير رکي گذرڻ جي بجاءِ ان تان ٽپ ڏئي گذريا. سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: ان تان ٽپ ڏيڻ جي ڪھڙي وجھ آهي؟ فرمايائون: ان لاءِ تہ جيئن ان جو مالڪ حرج ۾ نہ پوي. (ممڪن آهي تہ ان ڪاٺ جي ٽڪري تي پير رکڻ سان اهو ٽٽي يا ڪمزور ٿي وڃي يا ان تي نشان پئجي وڃن جنھن جي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه ان تي پير نہ رکيو تہ جيئن ان جو مالڪ بعد ۾ پريشان نہ ٿئي.)

## اميرِاهل سُنت جا احتياط

منھنجا پير و مرشد امير اهل سُنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يادرگارِ اسلاف (يعني سندن جي اعمال و ڪردار ڪي ڏسي ڪري بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰہُ عَلَیْھِم جي ياد ايندي آهي) آهن. پاڻ بہ نھايت محتاط فِي الدّين (يعني دين جي معاملي ۾ احتياط ڪرڻ وارا) آهن، سندن حقوق العبادت جي معاملي ۾ احتياط جو هڪ واقعو پڙهو ۽ ماڻھن جي حقن جو خيال رکڻ جو ذهن بڻايو.

نواب شاهه (باب الاسلام، سنڌ پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته هڪ پيرو امير اهل سُنت سان گڏجي ڪجهه اسلامي ڀائر ڪٿي تشريف ڪٽي وڃي رهيا هئا. خوش قسمتي سان مان به گڏ هيس. هڪ گهٽي مان گذرندي اڳيتي ٻجري رکيل نظر آئي. پاڻ فرمايائون: ته جيڪڏهن اسان هتان ڪان گذرنداسين ته ڊپ آهي ته ٻجري جو ڪجهه حصو پڪڙجي ڪري ضايع ٿي ويندو تنهنڪري مناسب اهو آهي ته اسان ٻي هنڌان نڪري وڃون، جيئن ته ٻي گهٽيءَ جو رستو اختيار ڪيو ويو. (حقوق العبادت جا احتياط، ص 16)

الله پاڪ جي امير اهل سُنت تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محبتِ دنيا ڪان ڇوٽڪاري جو قل

سلسلهءِ قادريه رضويه عطاريه جي ڏهين پيرومرشد، حضرتِ سري سقطي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيو: ”الله پاڪ جا فرمانبردار ٻانها ڪهڙي سبب سان ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ تي قادر ٿين ٿا؟“ ارشاد فرمايو: ”انهن جي دلين مان دنيا جي محبت نڪري وڃڻ جي ڪري، جيڪڏهن انهن جي دلين ۾ دنيا جي محبت هجي ها ته هو هڪ سجدو به صحيح طرح سان نه ڪري سگهن ها.“ (المستطرف، ص 154)

## بغداد شريف ۾ فوت ٿيڻ جو حڪم

حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بغداد شريف جي باري ۾ پنهنجي ارادي جو اظهار ڪندي فرمائن ٿا: مون کي تہ بغداد ۾ فوت ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن شهر جا نيڪ ماڻهو سچي ابدالن مان آهن. (اتحاف السادة التقين، 560/12)

## انتقال شريف

علم و عمل، فيض ۽ ڪرم جو چمڪندڙ آفتاب 2 محرم شريف 200 هجري ۾ هن دنيا کان سُوئي آخرت روانو ٿيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نمازِ جنازه ۾ ٿي لک ماڻهن شرڪت ڪئي. (الروض الفائق، ص 188) پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي عظيمُ الشان مزار شريف بغدادِ مُعليٰ ۾ حضورِ غوثِ پاڪ شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف کان ڪجھ فاصلي (تقريباً 6 ڪلوميٽر) تي آهي. هزارين عاشقانِ اولياء سندن مزار شريف تي حاضر ٿي پنهنجي دلين کي تسڪين ڏيندا ۽ دعائن جي قبوليت کان فيضياب ٿيندا آهن.

## 1 لک 20 هزار گنهگارن کان عذاب دور ٿي ويو

هڪ بزرگ کان منقول تہ مون پنهنجي پيءُ کي مرڻ جي هڪ سال کانپوءِ خواب ۾ ڏسي پڇيو: ”اي منهنجا پيءُ! مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟“ تہ هن جواب ڏنو: ”هاڻي مون کي آزاد ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه اسان وٽ دفن ٿيا تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه

جي اڳيان، پويان، ڪابي ۽ ساڄي طرف عذاب ۾ گرفتار ٿيل ٿيھ ھزار گنھگارن کي نجات ملي وئي.” (الروض الفائق، ص 188)

## مقامِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

حضرتِ احمد بن فتح رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ: ”مون حضرتِ بشرِ حافي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي خواب ۾ ڏٺو. مون پڇيو تہ ”الله پاڪ حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان ڪھڙو معاملو فرمايو؟“ تہ انھن چيو تہ: “افسوس! اسان جي ۽ ان جي وچ ۾ تمام گھڻا پردا آھن. حضرتِ معروف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جنت جي شوق ۽ جھنم جي خوف کان الله پاڪ جي عبادت نہ ڪندا ھئا بلڪ قربِ الٰھي (يعني الله پاڪ جي ويجھڙائي) جي شوق ۾ عبادت ڪندا ھئا، لھٰذا الله پاڪ انھن کي رفيقِ اعليٰ جي طرف ڪٽي ورتو ۽ پنھنجي ۽ انھن جي وچ جا پردا ڪٽي ڇڏيا.“ ھي ئي اُھو مجرب اڪسير آھي، لھٰذا جنھن کي بارگاھِ الٰھي ۾ ڪا ضرورت پيش ڪرڻي ھجي تہ ان کي گھرجي تہ حضرتِ معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مزار تي حاضر ٿي الله پاڪ کان دعا گھري تہ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ان جي دعا ضرور قبول ٿيندي. (صفة الصفوة، 214/2)

## ضرورت پوري ٿي وئي

حضرت سَيِّدُنا محمد بن عبدُالرحمٰن زھري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا تہ مون پنھنجي والد حضرت سَيِّدُنا عبدالرحمٰن رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ھي فرمائيندي ٻڌو تہ "حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي قبرِ انور تي سيئي ضرورتون پوريون ٿينديون آھن. ۽ جيڪو بہ انھن جي مزار جي ويجھو سؤ دفعا سورت اخلاص جي تلاوت

ڪري، پوءِ الله پاڪ کان سوال ڪري، ته الله پاڪ ان جي ضرورت کي پورو فرمائي ڇڏيندو. (الروض الفائق، ص 188؛ تاريخ بغداد، 134/1)

## منهنجو ڪم ٿي ويو

حضرت يحيٰي بن سليمان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا ته مون کي هڪ حاجت هئي ۽ مان ڪافي تنگدست هئس. حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي قبرِ انور تي منهنجي حاضري ٿي، مون ٽي دفعا سورت اخلاص جي تلاوت ڪئي ۽ ان جو ثواب پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡه ۽ سيني مسلمانن جي ارواح کي پهچايو، پوءِ پنهنجي ضرورت بيان ڪئي. جيئن ئي مان اُتان واپس ويس، منهنجي حاجت پوري ٿي چڪي هئي. (الروض الفائق، ص 188)

## قبوليتِ دعا جو مقام

والدِ اعليٰ حضرت، علامه مولانا مفتي نقي علي خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡه دعائن جي قبوليت جا مقامات بيان ڪندي پنهنجي ڪتاب "اَحۡسَنُ الۡوِعَا لِآدابِ الدُّعا" ۾ فرمائن ٿا: "مزار فائضُ الانوار سَيِّدُنا معروف ڪرخي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه ، يعني سندن مزار شريف تي دعا قبول ٿيندي آهي." (فضائل دعا، ص 137)

## مزارات اولياء جون برڪتون

حضرتِ احمد بن عباس رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: "مان بغداد شريف کان نڪتس ته هڪ اهڙي شخص سان ملاقات ٿي جنهن تي عبادت جا آثار نظر اچي رهيا هئا. هن مون کان پڇيو: "توهان

ڪتان ڪان اچي رهيا آهيو؟ مون جواب ڏنو: بغداد ڪان پڇي اچي رهيو آهيان چاڪاڻ تہ مون اتي فساد ڏٺو آهي، تنهنڪري مون کي ڊپ آهي تہ اتي جي ماڻهن کي زمين ۾ نہ دٻايو وڃي، انهن بزرگن فرمايو: ”توهان واپس هليا وڃو ۽ نہ ڊڄو، چاڪاڻ تہ بغداد ۾ چار اهڙن اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جا مزار آهن جن جي برڪت سان بغداد وارا سڀ مصيبت کان محفوظ آهن. مون پڇيو: اهي ڪير آهن؟ جواب ڏنائون: حضرت امام احمد بن حنبل، حضرت معروف ڪرخي، حضرت بشر حافي ۽ حضرت منصور بن عمار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم. سو مان واپس اچي ويس، انهن الله وارن جي مزارن جي زيارت ڪئي ۽ ان سال مان (بغداد کان) نہ نڪتس. (تاريخ بغداد، 133/1) الله پاڪ جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّى اللّٰهُ عليهِ واٰلِهٖ وسلّم

## چار مشائخ زندن جيان اختيار رکن ٿا

حضرت سَيِّدُنا شيخ علي بن هيتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون چار بزرگن کي ڏٺو جيڪي پنهنجي قبرن ۾ بہ زندن جيان اختيار رکن ٿا. انهن مان هڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني، ٻيا حضرت شيخ معروف ڪرخي، ٽيان حضرت سَيِّدُنا شيخ عقيلي مَنْبِجي ۽ چوٿان حضرت سَيِّدُنا شيخ حيا بن قيس حرّاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم آهن." (بهجة الاسرار، ص 124)

اللهُ غنی! شانِ ولی! راج دلوں پر     دنیا سے چلے جائیں حکومت نہیں جاتی

(وسائلِ بخشش،ص 383)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## منهنجي وسيلي کان دعا ڪر

حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پائيتي حضرت يعقوب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي: ”منهنجي چاچا جان مون کي فرمايو: پٽ! جڏهن توهان کي الله پاڪ کان ڪا حاجت هجي ته منهنجو واسطو ڏئي ان کان سوال ڪجانءِ.“ (حلية الاولياء، 408/8، حديث: 12701)

حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي نصيحت ڪئي ته "جڏهن توهان کي ڪجهه گهرجي ته هن طرح طلب ڪيو: ياالله پاڪ! معروف ڪرخي جي صدقي مون کي فلاڻي شيءِ عطا فرماءِ، ته يقيناً اها شيءِ توهان کي ملي ويندي."
(تذڪرة الاولياء، ص 234)

## حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قبر جي شان

5 صدي هجري جا عظيم بزرگ، حضرتِ خطيب بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "حضرتِ شيخ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قبر مبارڪ حاجتون ۽ ضرورتون پوري ٿيڻ لاءِ مجرّب (يعني آزمايل) آهي."
(تاريخ بغداد، 134/1 ملخصاً)

6 صدي هجري جي جليل القدر محدث حضرت علامه عبدالرحمٰن بن علي جَوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: حضرت سيّدنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار جي حاضري ترياق ۽ مجرب عمل آهي. (صفة الصفوة، 214/2)

13 صدي هجري جي فقهِ حنفي جي عظيم امام، حضرتِ علامه سيد ابن عابدين شامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَة

اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏن بزرگن مان آهن، سندن جون دعائون قبول ٿينديون هيون، انهن جي مزار شريف جي وسيلي سان برسات جي لاءِ دعا ڪئي ويندي آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرتِ سَري سقطيرَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه جا استاد محترم هئا.“ (رد المحتار، 141/1)

اي عاشقان اولياء! اڳي جو زمانو ڪيترو سٺو هو، ماڻهو خوش عقيده ۽ اولياء ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي بارگاهن ۾ حاضري ڏيندڙ، بلڪ انهن جي وسيلي سان دعائون ڪندڙ هوندا هئا. هاڻي جنهن بزرگ حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهجا فضائل بيان ڪيا، اهي پاڻ تمام وڏا عالم ۽ مفتي هئا. سندن بهترين علمي ڪارنامو بصورت ”فتاويٰ شامي“ دنيا ڀر ۾ مشهور ۽ معروف آهي. ۽ علامہ شامي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه اولياء ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم جي شان بيان ڪري رهيا آهن، ڪاش! انهن جي ڪتابن مان فائدو وٺندڙ انهن جي ذات ۽ ڪردار کي بہ فالو ڪن ۽ اولياء ڪرام رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم بابت پنهنجا عقيدا ۽ نظريا درست ڪن.

## ڊاڪٽر عبدالقدير خان (مرحوم) جو ڪالم

ڊاڪٽر عبدالقدير خان (مرحوم) لکن ٿا: "ڀوپال ۾ هڪ جيّد عالم صاحب اسان اسڪول جي ٻارن کي اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي باري ۾ ٻڌايو ۽ پنهنجو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ حضرتِ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهجو وسيلو پيش ڪرڻ جي ترغيب ڏياري هئي. اها دعا هي هئي:

خُداوَندا بمقصُودَم رَسان زُوْد بَحقِ حضرتِ معروف کرخی
نِگهداری زِ آفت ہائے چَرخی بَحقِ حضرتِ معروف کرخی

ترجمو: ”اي الله پاڪ! حضرتِ معروف ڪرخي جي واسطي منهنجو مقصود جلد عطا فرماءِ! حضرتِ معروف ڪرخي جي واسطي آسماني ۽ زميني آفتن کان حفاظت فرماءِ“

”حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه“ جي باري ۾ هي ڪالم (جنگ 13 جولائي) ۾ ڇپڻ جي ٻه ڏينهن کان پوءِ ڪراچيءَ مان هڪ دوست جو فون آيو ته انهن کي هي ڪالم بيحد پسند آيو ۽ انهن هن جون ٻه سؤ ڪاپيون دوستن ۽ ڄاڻن وارن ۾ ورهايون. پوءِ انهن هڪ دعا جي وڏي برڪت هن طرح بيان ڪئي ته ان جي هڪ دوست جو پٽ ٽي سال کان گم ٿي ويو هو. وڏي ڪوشش ۽ تلاش ۽ پوليس ۾ رپورٽ درج ڪرائڻ جي باوجود پٽ نه ملي سگهيو ۽ هو دل تي صبر جو پٿر رکي ويهي رهيا. انهن پنهنجي دوست کي هي ڪالم پڙهائي حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي واسطي سان دعا ڪرڻ جو چيو. تنهن ڪري انهن وضو ڪيو، ٻه رڪعت نفل دعاءِ حاجت پڙهي ۽ نهايت رقت سان اللّٰه پاڪ کان حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وسيلي سان پنهنجي پٽ جي واپسي جي دعا ڪئي. انهن جي چوڻ مطابق، اهي نماز ۽ دعا ڪري ويهي رهيا، اڌ ڪلاڪ به نه گذريو هو جو دروازو وڳو، انهن ٻاهر وڃي ڏٺو ته پنهنجو پٽ سامهون ڏٺائين. ڪو ڪيس دروازي تي ڇڏي ويو هو." (جنگ اخبار 13 جولائي)

اللّٰه پاڪ جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# هفتيوار رسالي جو مطالعو

شيخ طريقت اميرِ اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ / خليفہ اميرِ اهلسنت الحاج ابو اُسَيد عُبَيد رضا مدني مَدَّ ظِلُّهُ العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشآءالله الڪريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري اميراهلِ سنت/ خليفہ اميرِ اهلسنت جي دعائن مان حصو مائيندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوت اسلامي جي

ويب سائٽ www.dawateislami.net يا

read and listen Islamic book تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

(شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو)

978-969-722-679-5
01082504

فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92    0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net